Haemorrhage alleviation with tranexamic acid - Intestinal system

# هالٽ-اٽ تجربو

## تحقيق بابت مختصر معلومات

ٽران ايگزيمڪ ايسڊ، آنڊي مان رت اچڻ: عالمي طور بنان ترتيب جي ڪيل، مريض کي راحت ڊينڊڙ دوائن ذريعي ڪنٽرول ڪيل تجربو جنهن ۾ سپني جي شناخت کي خفيه رکيو ويندو

توهان (مريض) کي آنڊي مان رت اچي رهيو آهي جنهن کي فوري طور بند ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن اسپتال ۾ رت اچڻ جي صورت ۾ مهيا ٿيندڙ عام علاج توهان کي فراهم ڪيو ويندو. انهي سان گڏوگڏ، اسان توهان کي هڪ تحقيق ۾ بهرو وٺڻ جي دعوت ڏيون ٿا. هن تحقيق ۾ اهو ڏٺو ويندو ته اهو علاج جنهن کي ٽران ايگزامڪ ايسڊ چئجي ٿو تنهن سان آنڊن مان ايندڙ رت کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. اسانکي اميد آهي ته هي علاج هڪ بهتر دريافت طرف وٺي ويندو. اسانکي معلوم آهي ته هن علاج ذريعي ماڻهن کي هڪ ٻئي قسم جي خون وهڻ ۾ مدد ملي ٿي، پر اسان کي اڃان اها خبر ناهي ته آنڊن مان رت وهڻ لاءِ به اها ڪارگر آهي.

هن تحقيق ۾، مريضن جي اڌ تعداد کي مطالعي خاطر علاج (ٽران ايگزميڪ ايسڊ) ڏنو ويندو اڌ مريضن کي ڊمي علاج (آرام ڏيندڙ) علاج مهيا ڪيو ويندو. جيڪڏهن توهان هن تحقيق ۾ حصو وٺندا ته توهان (مريض) کي فورن مطالعي وارو علاج يا آرام وارو علاج مهيا ڪيو ويندو. اهو توهانکي 24 ڪلاڪن ۾، ڊرپ جي ذريعي ڏنو ويندو. اسان لاءِ ضروري آهي ته توهان (مريض) جي طبي صورتحال جي باري ۾ معلومات گڏ ڪري انهي کي لنڊن جي مرڪزي آفيس موڪلي ڏيون.

جيڪڏهن توهان اسان جي هن تحقيق جي باري ۾ هن مهل وڌيڪ ڄاڻڻ گهرو ٿا ته اسان توهان کي ٻڌائينداسين. ٻي صورت ۾، اسان توهان کي انهي جي باري ۾ وڌيڪ بعد ۾ ٻڌائينداسين. ڇا توهان راضي آهيو ته اسان تحقيق واري علاج ۾ اڳتي وڌون؟

**ها، مان انهي ۾ راضي آهيان، توهان اڳتي وڌو.**

| مريض يا نمائندي جو نالو | تاريخ | دستخط (آڱوٺي جو نشان يا جيڪڏهن دستخط ڪرڻ کان قاصر آهي ته ڪو ٻيو نشان) |
|---|---|---|

*(هي معلومات زباني پيش ڪري سگهجي ٿي ۽ انهي کي جيئن جو تيئن استعمال ڪرڻ جي ضرورت ناهي. انهي کي هر صورتحال مطابق اختيار ڪري سگهجي ٿو ۽ اها فقط رهنمائي خاطر مهيا ڪئي وئي آهي. دستخط ٿيل فارم لازمي ناهي ۽ جيڪڏهن دستخط ٿيل آهي ته انهي کي معلومات جو مستند راضپو سمجهڻ نه گهرجي)*